SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2009

# SINDH ACT NO. V OF 2009

# سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2009

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ACT, 2009

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. پنجاب ايڪٽ V مجريه 1912 جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of sections 10 of Punjab Act V of 1912

3. پنجاب ايڪٽ V مجريه 1912 جي دفعه A_24 کي شامل ڪرڻ
Insertion of section 24_A in Punjab Act V of 1912

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2009
# SINDH ACT NO. V OF 2009
# سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2009
# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ACT, 2009

[9 جون 2009]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريه 1912 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريه 1912۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن ڪري هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن کي سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 1912 سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو.

پنجاب ايڪٽ V مجريه 1912 جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of

2. ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريه 1912 جنهن کي هن کانپوءِ به ايڪٽ سڏيو ويندو، جنهن جي دفعه 10 ۾ ذيلي دفعه 4 کانپوءِ هيٺين جو اضافو ڪيو ويندو.

sections 10 of Punjab Act V of 1912

"(5) جيڪڏهن ڪنهن شخص کي هن ايڪٽ جي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيڻ کانپوءِ زمين بطور ليز عطيو يا الاٽ ڪيل يا هن ايڪٽ جي تحت ڪنهن شخص کي جيڪڏهن زمين ڏني وڃي ٿي؛

(a) زمين جي الاٽمينٽ، گرانٽ يا ليز آفر ليٽر يا الاٽمينٽ ليٽر جاري ٿيڻ جي 3 مهينن جي اندر زمين حاصل ڪرڻ جي رقم جي ادائيگي ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته هن آفر/الاٽمينٽ ليٽر کي پاڻمرادو منسوخ سمجهيو ويندو. جيڪو بحال نه ٿيندو ۽ زمين جي مالڪ کي لاڳاپيل اٿارٽي جي الاٽمينٽ، ليز يا گرانٽ جي حوالي سان هڪ نئين درخواست ڏيڻي پوندي. ۽ اٿارٽي هن ڪيس کي ڏسندي پيهر سان نئين گرانٽ/الاٽمينٽ رليز جاري ڪري سگهي ٿي، جهڙي صورتحال هجي.

(b) جنهن مقصد جي تحت زمين گرانٽ يا الاٽ ليز ڪرائي وئي، هو هن تاريخ کان ٻن سالن جي عرصي تائين مقصد حاصل نه ٿيو هجي ته هن زمين کي نه ڪرڻ جي صورت ۾ الاٽمينٽ/ليز پاڻمرادو منسوخ ٿي ويندي ۽ ڊيپازٽ ٿيل رقم ضبط ڪئي ويندي.

مجاز اٿارٽي، جائز ڪيسن ۾ قبضي جي رقم جي ڏهه سيڪڙو رقم جي ادائيگي جي صورت ۾ هڪ سال تائين عرصي جو اضافو ڪري سگهي ٿي.

پنجاب ايڪٽ V مجريه 1912 جي دفعه 24-A کي

3. هن ايڪٽ ۾، دفعه 24 کانپوءِ ڄاڻايل نئين دفعه شامل ڪئي ويندي.

شامل ڪرڻ
Insertion of section 24_A in Punjab Act V of 1912

"24_A جيڪڏهن هن ايڪٽ جي شموليات، يا هن وقت نافذ العمل قانون جي ابتڙ نہ هجي، اها زمين جيڪا الاٽمينٽ آرڊر اجازت ناما، سند يا ريزرويشن آرڊر جي ذريعي خاص يا ڪنهن مقصد جي لاءِ ورتل يا ليز ڪيل هجي تہ اها ڪنهن معاوضي جي بغير صوبائي حڪومت جي زمين ٿي ويندي.

بشرطيڪ هن ايڪٽ جون گنجائشون هن گرانٽ ڪيل زمين تي اطلاق نہ هوندي جيڪا زمين مستقل بنيادن تي زرعي مقصدن جي لاءِ ڏئي سگهي ٿي ۽ مالڪ ڪنهن شرطن جي بغير مالڪاڻا حق حاصل هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**